# اناڙي اُتم !؟

- رڪمڻي سندر چهلاڻي

اُتم لکيو چاهي؟ فقط نقطچيني ڪري جاڙي ۽ مڪار مان وار ڪيڍي، ٻين کي دلشڪست ڪري مان اول ته وشواس ڪري وينس پر وڏيڪ اييَاس مان خبر پيم ته 'اُتم ڪيترا مرتب ڪيا آهن (ڪهاڻين جا) ته پاڻ به لکيا آهن. (لسٽ ڪيترن هنڌ ڏنل آهي) مان هتي سندس ڪهاڻين ۾ آيل استري ڪردارن جي باري ۾ چونديس.

ڪشمڪش (۱۳ سنڌي ڪهاڻيون)

ليکڪ : اي.جي.اُتم - مارچ ۱۹۸۳ع (ٻيون ڇاپو)

ڇپائيندڙ : نئين دنيا پبليڪيشن، بمبئي-۱۶

ليکڪ پاران : هن مجموعي جون ۲۰، ۳۰ سال کن اڳ جون لکيل ڪهاڻيون اڄ به هند توڙي سنڌ جي اخبارن مخزنن ۽ مجموعن ۾ وري وري ڇپيون ڇپجن. ان مان انهن جي اهميت ۽ مقبوليت ظاهر ٿئي ٿي. نه رڳو ايترو پر اهي ڪافي ڪهاڻيون انگريزي، بنگالي، هندي، مرهٽي، گجراتي، مليالم، اڙيا، اردو وغيره ۾ به ڇپيون آهن. 'راجا' ڪهاڻي ته روس جي ٻولين ۽ جرمن ۾ به ترجمو ٿي آهي. رشيا وارن وٽان ان جو ۹۰۰ روپيا اجورو روبلن ۾، ۱۹۷۳ ۾ اتي ٿيل افريڪي-ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس وقت مليو هوم. هڪ سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ ايڏو اجورو فخر لائق آهي.

هنن ڪهاڻين ۾ سنڌي جيوت جو ترقي پسند نگاهه کان چتر چٽيل آهي، جو ذاتي مشاهدي تي ٻڌل آهي،

اُتم پنهنجي ’سچي مردانگيءَ‘ زال ذات جي حفاظت ڪرڻ ۾ ٿو سمجهي ۽ نه پنهنجي حوس پوري ڪرڻ لاءِ ڪيس فقط جسم ٿو سمجهي. اُتم جي هنن ٽن ڪهاڻين ۾ سندس زال ذات لاءِ عزت ظاهر آهي.

اُتم کي بيحد غصو لڳندو آهي جڏهن ڪي ليک استريءَ جي انگن جو اُگهاڙو ذڪر ڪندا آهن ۽ ليکڪائون اعتراض نه اُٿاري اُهو سهي چُپ رهنديون آهن. (ڪهاڻين ۽ ليکڪن جا نالا وٺڻ سان منهنجو ليک وڏو ٿي ويندو).

سو اُتم ’اناڙي‘ ڪيئن سڏبو؟ برابر دنياداري ۽ رک رکائيءَ نه اچڻ واري ڪري اسين اناڙي چوندا آهيون. پر اُتم ته اهڙو اناڙي سڏجڻ ۾ خوش آهي.

انهن ۾ اسانجي ورهاڱي جي درد جي جهلڪ آهي ته ان مان چوٽڪاري جي راه (سنڌيت ۽ انسانيت) به نظر ايندي. ان راه جا اڄ اهي سنڌي ڪهاڻيڪار ۽ نقاد به پانڌيئڙا بڻيا آهن. جيڪي ان تان پٽڪي ويا هئا.

’ڪشمڪش‘ ڪهاڻيءَ ۾ اُتم پنهنجي سڄاڳ ۽ ستل من ۾ ڪشمڪش جو ۽ سوپ پاتل سڄاڳ من جي سوپ جو ذڪر ڪندي پنهنجي ’اناڙي‘ هئڻ تي فخر ظاهر ڪيو آهي (ص.٦٠) سندس سُتل من چوي ٿو ته، ’تون ڪو اناڙي آهين.‘

سڄاڳ من جواب ٿو ڏي، ’شڪاري بڻجڻ ۾ ڪهڙي سورهيائِي آهي. شڪاري ٿي هڪ عورت جي مجبوريءَ جو فائدو وٺان، ان ڪان بهتر آهي ته اناڙي ئِي هجان.‘

’اهي ته عورت جا چِل ول آهن، جن سان هوءَ تو جهڙن ساڌن مردن کي منڊيندي آهي. نه ته پلا هيئن وهندڙ وات تي ڪنهن اوپٽو پرش سان ڪا سگهڙ استري اچِي بيهندي آهي؟ ڪجهه سوچ، چو ٿو گهر آيل گره موٽائين؟‘

’مون لاءِ استري ڪائڻ جو گره ڪونهي. مان غلط ڪم ڪري، هڪ نردوش راه ويندڙ ناريءَ کي، خلق اڳيان ڪلڻ هاب نٿو ڪرڻ چاهيان. هوءَ هڪ پرش تي وشواس رکِي منهنجي شرڻ آئِي آهي، ان سان وشواس گهات ڪري، ڪيس شرمسار ڪرڻ نٿو چاهيان. مان نه پسون پڪي آهيان، نه موقعي پرست. مان شڪاري ناهيان..... ناهيان.‘

۽ برسات بند ٿيڻ ڪانپوءِ، سندس چٽيءَ هينان اچِي

'مونکي دک آهي جو توهانکي انتظار کرڻو پيو آهي. مون ان شخص سان شادي کرڻ کان انکار کيو آهي جنهن کي پتنيءَ کان وڌيڪ ريڊيوگرام پيارو آهي. هن اسانجي مجبوريءَ جو فائدو وٺڻ ٿي چاهيو جيکو کوبه غيرتمند شخص برداشت کري نه سگهندو. مان کنهن به پاڻ جيڏي سان هينئر شادي کرڻ لاءِ تيار آهيان، بشرطيڪ هو ڏيتي ليتي جو کوبه شرط نه وجهندو. جيکڏهن هن پري سيا ۾ کوبه اهڙو وير پرش نه هوندو ته مان سدائين لاءِ کنواري رهنديس'.

نائڪ ائين ٿو محسوس کري گويا، گورکي جي ناول جي نائڪا امڙ ساکيات اچي بيٺي آهي، جيکا انسانيت کي للکاري رهي آهي (ص.٨١)

'مان وِمل جي اڳيان وڃي بيٺس. سندس مک تي مرڪ نمودار ٿي ائين جيئن گهنگروءَ گهٽائن مان چنڊ چمکندو آهي. هن مونکي گلي ۾ گُلن جي مالها وڌي ۽ مون کيس ڏني سوغات، گورکي جو ناول 'امڙ' (صفحو ٨٢)

استريءَ کي برابريءَ جو درجو ڏيندڙ اُتم استريءَ جي اخلاقي همت جو قدر کري ٿو. ومل جهڙي بهادر ڇوکري ۽ وري هڪ پرش جي مانسڪ اتياچار جي شکار ٿيل ابلا ناري بنهي ۾ کيترو نه فرق آهي. ('سفيد چادر، سهيل سڏکا')

پرش به ته ساڳيو آهي پر سندس منورتي واسنا واري آهي يا پوڄا واري، اها ڳالهه بيحد تبديل آڻي سگهي ٿي.